# حفاظتي ٹُڪا (ويڪسينيشن)

## تعارف

هڪ چوڻي آهي تہ”روڪٿام ڪرڻ علاج کان بهتر آهي“. انهي جو مطلب اهو آهي تہ بيماري جي علاج تي وڏيڪ پئسا ضايع ڪرڻ کان سنو آهي تہ اسان هڪ ننڍي ڳالھ تي عمل ڪري بيمارين کان جانورن کي بچايون جنهن تي تمام گهٽ پئسا خرچ ٿيندا. هينئر توهان کي حفاظتي ٹُڪا لڳائڻ تي رڳو ڪجھ پئسا لڳائڻا پوندا پر بيماري جي صورت ۾ اوهان کي وڏيڪ رقم خرچ ڪرڻي پوندي. انهي جي ڪري حفاظتي ٹُڪن لاءِ اها ننڍي رقم نہ صرف جانور جي حفاظت ڪندي پر اوهان جي ڪاروبار ۾ وڏيڪ فائدو پهچائيندي.

## حفاظتي ٹُڪا (ويڪسينيشن) ڇا آهي؟



ليباريٽري ۾ ڪنهن خاص بيماري جي جراثيم کي ڪمزور يا ماري ڪري ويڪسين ناهي ويندي آهي. اهي جراثيم جڏهن جانورن کي سُئي يا انجيڪشن جي صورت ۾ لڳائبا آهن تہ اهي ڪا خاص بيماري پئدا نہ ڪندا آهن. پر جانور جي جسم ۾ ان جي موجودگي فطري عمل (قوتِ مدافعت) کي وڌائڻ شروع ڪندي آهي. ۽ پوءِ اگر ساڳي بيماري جانورن تي حملو ڪري ٿي تہ جانور ۾ پهريان ئي ان بيماري سان وڙهڻ لاءِ مضبوط دفائي قوت موجود هوندي آهي. انهيءَ طرح ويڪسينيشن جانورن کي انهيءَ بيماري کان بچائيندي آهي.

## ويڪسين يا حفاظتي ٹُڪا ڪٿان حاصل ٿي سگهن ٿا؟




پاڳيا پنهنجي جانورن کي ويجهي علاقائي جانورن جي اسپتال يا ڊسپينسري تي رجسٽرڊ ڪرائين. جيڪي حڪومتي پاليسي جي مطابق حفاظتي ٹُڪا لڳائيندا آهن يا وري پنهنجي طريقي سان خانگي / پرائيويٽ ويڪسين خريد ڪري يا لڳرائي سگهن ٿا.

## ويڪسين کي استعمال ڪرڻ جا احتياط

- هميشہ نالي وارين ڪمپنين يا سرڪاري ادارن جيئن ”ويٽرنري ريسرچ انسٽيٽيوٽ“ پاران تيار ڪيل ويڪسينس استعمال ڪندا ڪريو.
- ويڪسين کي ڪنهن ريفريجريٽر يا برف مان ڀريل ٿرماس ۾ ڍَڪي / اسٽور ڪريو. ڇو جو گرمي پد جي وڌڻ سان ويڪسين جي تاثير ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي.
- استعمال کان پهريان شيشي/بوتل کي سٺي طرح لوڏايو يا ملايو.

- بيمار جانورن کي ويڪسين هرگز نہ لڳرايو.
- جانورن جي ڊاڪٽر جي مشوري يا ويڪسين تي لکيل هدايتن مطابق هر جانور کي صحيح مقدار ۾ ويڪسين لڳرايو.
- جانورن کي صبح سويري يا شام جو ٽُڪا لڳرائجن جنهن محل موسم ٿڌو هجي.
- ڀُسيل يا خراب جانورن کي ٽُڪا نہ لڳرايونہ تہ چمڙي ۾ انفيڪشن ٿيڻ جو خطرو ٿي سگهي ٿو.
- ڪجھ ويڪسين سُئي لڳڻ واري جاءِ تي سوڄ جو سبب بڻجن ٿيون، جيڪا آهستي آهستي گهٽ ٿيندي آهي ۽ ڪجھ عرصي کانپوءِ ختم ٿي ويندي آهي.

## رڍن ۽ ٻڪرين جي بيمارين کان بچاءُ لاءِ حفاظتي ٽکن جو چارٽ

- مختلف ويڪسين سال جي مختلف وقتن يا عرصي ۾ لڳائي ويندي آهي.
- هيٺ ڏنل هدايتون هڪ عام معلومات جو مجموعوآهي. هميشہ اهم هدايتن تي عمل ڪريو جيڪي ويڪسين سان گڏ اچن ٿيون يا مقامي حالتن جي مطابق مشورن تي عمل ڪجي.
- رڍن ۽ ٻڪرين کي ڪڏهن ڪڏهن ”ڪاري جنگهہ“ بليڪ ڪواٽر (بي ڪيو) جا حفاظتي ٽُڪا لڳائي سگهجن ٿا.
- حفاظتي ٽُڪن جي وڌيڪ معلومات جهڙوڪ ”ساماڙو، ڪاٽا، پليوروِنمونيا جهڙيون ٻين بيمارين جون پراجيڪٽ وٽ اهڙيون معلوماتي شيٽون پڻ موجود آهن

| حفاظتي ٽُڪا | لڳائڻ جو وقت يا عرصو |
|---|---|
| رتاوان دست (Enterotoxaemia)<br>ائنٽريڪس يا ٻرڪي يا ڪارو واءُ (Anthrax)<br>مهاڙو يا ساماڙو (FMD)<br>ٻڪرين جي ماتا (Goat Pox) | هر ڇهن مهينن کان پوءِ ٻيهر لڳرايو. |
| ڪاٽا Peste des petits ruminants (PPR) | مارچ ،اپريل ۾ بيماري جي وڌڻ کان پهرين فيبروري ۾ ٽُڪا لڳرائي ڇڏجن. |
| ڦڦڙي يا پليوروِنمونيا Contagious caprinepleuropneumonia (CCPP) | جنوري، فيبروري ۾ بيماري جي وڌڻ کان پهرين نومبر يا ڊسمبر ۾ ٽُڪا لڳرائي ڇڏجن. |